# قرآن حڪيم

## جو فارسي ترجمو

## (مرحوم جناب مخدوم غلام حيدر صاحب قريشي صديقي)

اهل علم و فضل وارن کان هيءَ حقيقت ڳجهي نہ هوندي تہ قرآن شريف جا فارسي زبان ۾ جيترا بہ ترجما موجود آهن تن ۾ هيل تائين ملا حسين واعظ ڪاشفي هروي ۽ علامہ شهاب الدين دولت آبادي هندي جا فارسي ترجما بمع تفسير شايع ٿي چڪا آهن ان ڪان پوءِ وڌيڪ شهرت ۽ مقبوليت جنهن فارسي ترجمي حاصل ڪئي سو حضرت شاه ولي الله دهلويءَ جو آهي. مگر افسوس جو سنڌي علم و فضل جي ارباب کي اها خبرئي نہ آهي تہ شاه ولي الله جي ترجمي کان اڳ دولت آباديءَ جي ترجمي (بحرالمواج) کان پوءِ اسلام جي ڏهين صديءَ جي اوائل ۾ اسانجي سنڌ سڳوري ۾ بہ قرآن پاڪ جو فارسي ترجمو ٿيو آهي ۽ اهو ترجمو آهي جناب غوث زمان و قطب ڏوران حضرت مخدوم نوح شاه سروريہ جو.

**فضائل:-** نادر جو ڪلام هنجي مقبول بنده جو ترجمو ٿيل. سبحان الله بنده جو قلم قاصر سر گردان اهڙي يزداني ڪتاب جي فضائل بيان ڪرڻ کان حيران پر وري بہ پنهنجي ناقص علم آهر ڪجهہ نہ ڪجهہ قارئين ڪرام جي پيش خدمت رکجي ٿو.

سائين سرور شاه سرور ۹۹۸ھ ۾ وصال ڪيائون اسان کي اهو اعلي نسخو هٿ نہ آيو آهي. پر هن مان اندازو لڳائبو تہ ترجمو مبارڪ ضرور سندن حياتي ۾ ني ٿيو هوندو جو سندن عمر مبارڪ ۸۷ سال هئي، موجوده ترجمو (جيئن قرآن پاڪ ۽ ترجمي جي آخر ۾ ڄاڻايل آهي) جناب حضرت مخدوم نوح قدس سره جي مصحف تان نقل ڪيل آهي ۽ ترجمي جو ڪاتب سنڌ جو مشهور ولي الله فقير بهاءُ الدين گودڙيو آهي، جو مخدوم صاحب رحہ جي خليفن مان هو ۽ اهو ترجمو هن صاحب سيد ابوبڪر نڪياري (آراضي واري) لاءِ لکيو آهي. اٿين رقمطراز آهي تہ تحرير "ترجمہ در سال ثلاث وعشر و الف (۱۰۱۳) بدست فقير بهاءُالدين گودڙيہ کہ يکي از فقيران حضرت مخدوم نوح قدس سرة است-و باعث نوسياينده ترجمو المزت سيد سادات طالب رسول رب العالمين ميان ابوبڪر سلمہ الله تعالي. قرآن شريف جي آخر ۾ عربي عبارت. اهڙي طرح لکيل آهي.

"تم الترجمہ القرآن يوم الخميس اسابع عشرمن شهر صفر- و ختم ڪتابه الترجمة بالخير

Gul Hayat Institute

والظفـرفي الناريخ الف و ثلاث عـشـرفي بيت
الفقير الحقير بهاءَالدين المحرر حروف الترجمه
بفضل الله المنان هو المعبود المستان.» يعني
قرآن شريف جو ترجمہ ١٧ صفر ڏينهن خميس
تي پورو ٿيو ۽ ترجمي جو لکڻ خير خوبيءَ سان
١٠١٢ھ ۾ هن فقير حقير بهاالدين (لکندڙ
هنن ترجمي جي حرفن جو) اللّٰه ڏاتار جي فضل
سان (۽ واقعي هو معبود ۽ مددگار آهي) جي
گهر ۾ ختم ٿيو. جيئن ته ترجمو اڪوٺي وقت جو
ٿيل آهي تينن ترجمي جي فارسي تمام جهوني
استعمال ڪني وني آهي. ڪوشش ڪري تحت
الفظ ترجمي جو تمام گهڻو لحاظ رکيو ويو
آهي. ٻي خوبي وري هي آهي ته قرآن شريف
جي صورتن جي اڳ ۾ جيترا ڀيرا بسم اللّٰه جي
آيت آيل آهي تنهن جو ترجمو جدا جدا صوفيانه
ذوق ۽ عارفانہ انداز ۾ ڏنل آهي جيئن ته :-
(١) بنام خدا روزي دينده و رحمت كننده.
(٢) بنام خدا بخشاينده و مهربان.
(٣) بنام خدا رحم كننده عام و خاص.
(۴) بنام راحت رسان خداوند احسان
صاحب-رحمت عام و خاص وغيره.
آيت «وَمَآ اُهِلَّ بِهٖ لِغَيْرِ اللّٰه» جو ترجمو قديم
مفسرن ۽ عربي لغت جي بنيادي محاوري موجب
ڪيل آهي:-
«آنچہ ياد كرده باشند نام غير خدايان»
يعني (اها شيءِ به حرام آهي جنهن کي
اللّٰه تعاليٰ جي نالي کان سواءِ مشهور ياد ڪيو
وڃي.) بحرحال ترجمو مجموعي طرح نهايت
بهترين آهي

Gul Hayat Institute